بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ط اعراف ٢٦

بيشڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ اهڙو لباس نازل ڪيو آهي جيڪو توهان جي شرم وارين شين کي ڍڪي ٿو ۽ هڪ اهڙو لباس نازل ڪيو آهي جيڪو اوهان جي زينت آهي.

# حضور صلى الله عليه وسلم جو لباس


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم.اي، پي.ايڇ.ڊي


سنڌيڪار: فضل الرحيم فيض مهراڻ بي.اي


بين الاقوامي سلسلہ اشاعت نمبر

19

شرڪت اسلاميه
مُسلم منزل - حميد پُوره ڪالوني نمبر 1
ميرپور خاص (سنڌ) اسلامي جمهوريه پاڪستان

سلسلہ مطبوعات نمبر 14

# حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو لباس

پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم.اي، پي.ايڇ.ڊي

سنڌيڪار
فضل الرحيم فيض مهراڻ
بي.اي

بين الاقوامي سلسله اشاعت نمبر
19

شرڪت اسلاميه

مسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر 1، ميرپورخاص (سنڌ)
اسلامي جمهوريه پاڪستان ( [illegible] / ۲۰۰۲ )

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده ونصلي علي رسوله الڪريم

لباس انسان جي فطري ضرورت آهي، تنهن ڪري جڏهن حضرت آدم عليه السلام جو بهشتي لباس لهي ويو ته پاڻ بهشت جي وڻن جا پن استعمال ڪري جسم کي ڍڪڻ لڳا. جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ هن طرح ڪيو ويو آهي.

"۽ پوءِ شيطان هن جي دل ۾ هيءُ خوف پيدا ڪيو ته سندن لاءِ اوگهڙ پڌري ڪئي وئي، جيڪي هن کان لڪيل هيون"[1]

ٻي جڳهه تي ارشاد ٿئي ٿو:

"هن کي رستي تان ٿيڙيو، ايستائين جو بهشتي لباس لهي ويو. اوگهڙ کلي وئي ۽ پنهنجي جسم کي بهشتي وڻن جي پنن سان ڍڪڻ لڳا" [2]

هنن آيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته اصل ۾ لباس پائڻ جنت وارن جي سنت آهي. قرآن پاڪ ۾ جنت جي بهترين [3] ڪپڙن ۽ ريشمي پوشاڪ جو ذڪر پڻ موجود آهي [4]

حضرت آدم عليه السلام جڏهن کان هن پاڻي ۽ مٽي جي جهان ۾ پير پاتو تڏهن کان الله سبحانه سندن صدقي پنهنجي ٻانهن تي رحمت فرمائي ۽ انسانن لاءِ لباس نازل ڪيو جيئن قرآن پاڪ ۾ هڪ جڳهه ارشاد ٿئي ٿو:

"اي آدم جا اولاد! بي شڪ اسان اوهان ڏانهن هڪ

اهڙو لباس نازل ڪيو آهي جيڪو توهان جي شرم
وارين شين کي ڍڪي ٿو ۽ هڪ اهڙو لباس نازل ڪيو
آهي جيڪو اوهان جي زينت آهي ۽ پرهيزگاري جو لباس
سڀ کان بهتر آهي"(5)

هن آيت سڄوري جو آخري حصو "ولباس التقوي ذالڪ خير" —— — پنهنجي اندر وسيع معنيٰ رکي ٿو "تقويٰ جي لباس" تي قومن جي عزت ۽ عظمت جو دارومدار آهي—— اهو ئي باطني لباس آهي جيڪو قومن جي قسمت جو فيصلو ڪندو آهي—— الله تعاليٰ پنهنجي مهرباني سان سيني ٻانهن جي لاءِ لباس نازل ڪيو آهي پر اسلام جي مجاهدن لاءِ حضرت دائود عليہ السلام کي هڪ خاص فولادي لباس ٺاهڻ پڻ سيکاريو جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

"۽ اسان هن کي اوهان جو لباس (خود) ٺاهڻ سيکاريو
جيئن اوهان کي ٻاهه کان بچائي" (6)

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم پڻ جنگ جي موقعي تي اهو لباس استعمال فرمايو آهي—— ٻيو ته ڇڏيو پر خود ڏينهن جو لباس بنايو ۽ ان کي رات جي چادر ڍڪائي ويئي جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

"۽ رات کي پردو بنايو" (7)

ٻي جڳهہ ارشاد آهي:

"۽ اهو (الله) آهي جنهن رات کي اوهانجي لاءِ پردو بنايو"(8)

قصو ڪوتاهه! لباس حضرت آدم عليہ السلام ۽ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي سنت آهي. جنت وارن لاءِ جنت ۾ لباس آهي دنيا وارن لاءِ دنيا ۾ لباس آهي.

هر شي، جيڪا پاڻي وجي ٿي لباس آهي—— لباس پائڻ لاءِ ضروري آهي تہ اهو حلال روزي مان بنايو ويو هجي نہ ڪہ حرام مان—— لباس جو اخلاقيات سان گهرو تعلق آهي، لباس انساني اخلاق تي اثر انداز ٿئي ٿو. جيڪڏهن پائڻ واري جو ڪردار مضبوط هجي تہ ٻين قومن تي پڻ ان جو اثر ٿئي ٿو—— لباس پائڻ جا هونئن تہ ڪيترائي مقصد آهن پر انهن مان هيٺيان چار مقصد تمام اهم آهن:

1. جسماني ضرورت
2. اخلاقي ضرورت
3. قومي ۽ مذهبي ضرورت
4. روحاني ضرورت

جسماني مقصد هيءُ آهي تہ جسم کي گرمي ۽ سردي کان بچايو وڃي. اخلاقي مقصد هيءُ آهي تہ انساني جسم جا اهي حصا جن تي ٻين جي نظر نہ پوڻ گهرجي اهي حصا لڪيل رهن. قومي ۽ مذهبي مقصد هيءُ آهي تہ "قومي سڃاڻپ" برقرار رهي هڪ مسلمان معاشري ۾ مسلمان طور سڃاتو وڃي—— روحاني مقصد هيءُ آهي تہ نظر غلط طريقن کان بچي رهي ۽ اطمينان حاصل رهي جيڪو ڪامياب زندگي جي لاءِ انتهائي ضروري آهي—— عربن ۾ قريشن کانسواءِ ٻيا قبيلا فحاشي کي عيب نہ سمجهندا هئا ايستائين جو حج جي ڏينهن ۾ ڪپڙا لاهي پوءِ ڪعبت الله جو طواف ڪندا هئا.[9] —— هندستان جا ڪجهہ غير مسلم هندو فرقا تہ "شرم گاهہ" جي عبادت پڻ ڪندا هئا[10] —— اسلام ۾ اوگهڙ ڍڪڻ کي عزت جي نظر سان ڏٺو ويو عورتن توڙي مردن لاءِ اوگهڙ ڍڪڻ جا اصول بنايا ويا جنهن جا معاشري تي حيرت انگيز اثر ڏسڻ ۾ آيا—— اسلام ۾ اڪيلائي ۾ بنا سبب جي اوگهڙ کولڻ کي ناپسند

ڪيو ويو آهي. هڪ اصحابي جي پڇڻ تي حضور انور صلي الله عليہ وسلم فرمايو:

الله تعاليٰ تہ هر هنڌ ڏسي ٿو ان ڪان سي ڪان
وڏيڪ حياء ڪرڻ گهرجي [11]

اگهاڙپ متعلق حضور انور صلي الله عليہ وسلم فرمايو:
ڪڏهن بہ اوگهڙ نہ ڪوليو ڇو تہ اوهان سان گڏ فرشتا
رهن ٿا اهي اگهاڙپ دوران الڳ ٿي ويندا آهن. اوهان
انهن ڪان شرم ڪريو ۽ حياءُ رکو. [12]

اسلام ۾ مردن لاءِ دن ڪان گوڏن تائين ——— آزاد عورتن لاءِ پيشاني جي وارن ڪان مرين تائين ——— ٻانهي عورت لاءِ پيٽ ۽ پني تائين جسم اوگهڙ قرار ڏنو ويو، جنهن کي ڍڪڻ شرعي ضرورت آهي. اهڙو لباس جنهن سان هي اصول ٽڪرائجن مسلماني شان جي لائق ناهي——— هر مسلمان مرد ۽ عورت کي اسلامي غيرت جو مثالي نمونو هئڻ گهرجي. اقبال سچ چيو آهي:

غيرت هي بڑي چيز جهان تگ ودو مين
پهناتي هي درويش ڪو تاج سر دارا

⬭

اٺو لٺو ۽ اجهو اسان جي زندگي جا اهم مقصد آهن. پر اهي شيون حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي زندگي جو مقصد نہ هيون تہ ضرورت هيون——— ڪچو پڪو گهر، سادو سودو لباس، سادو ڪاڌو سادي رهڻي ڪهڻي- الله ئي الله ———!!

حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن اهو تصور عطا فرمايو تہ زندگي جو اصل مقصد تہ عبادت آهي زندگي ڏيڻ واري خالق جو بہ اهو ئي ارشاد آهي ۽اهو ئي حق آهي———

پر عبادت جو لفظ اچڻ سان ئي اسان جي ذهن ۾ مسجد جو تصور اچي ٿو جنهن سان خاص طور تي نماز نہ پڙهڻ وارا گهبرائجي ويندا آهن—— بي شڪ نماز روزو زڪوات ۽ حج فرض آهن پر عبادت جو مفهوم تہ تمام وسيع آهي زندگي جو هر شعبو ان ۾ اچي وڃي ٿو—— افسوس آهي جو اسان جي زندگي جي مقصد ۾ عبادت جو تصور ئي ناهي باقي ٻيو سڀ ڪجهہ آهي—— عبادت هيءُ آهي جو هر جائز ڪم پنهنجي نفس جي لاءِ نہ. بلڪ الله جي رضا لاءِ ڪيو وڃي—— اهو ئي اخلاق جو روح آهي ۽ ان سان ئي نيتن ۾ بهار ايندو آهي—— اسان جون نيتون درست ناهن ان ڪري هر طرف ڦٽ ڪوهہ لڳي پئي آهي—— عبادت جو تصور مثالي معاشري کي ترتيب ڏئي ٿو. جتي سڀ هڪ ٻئي جي مدد جي لاءِ آتا آهن ڪو ڪنهن سان حسد نٿو ڪري، ڪو ڪنهن جي ٽنگ نٿو ڇڪي—— هيءُ انسانن جو معاشرو آهي حيوانن ۽ ظالمن جو معاشرو ناهي.

حضور انور صلي الله عليہ وسلم ظاهري لباس کان وڌيڪ باطني لباس تي زور ڏنو آهي—— هاڻي تہ باطني لباس وسري ويو آهي ۽ سڄو زور ظاهري لباس تي آهي، باطني لباس کي ڪو ڇاڻي بہ ڪو نہ ٿو جيڪڏهن ظاهر پرست ماڻهن کي ٻڌايو تہ بہ صرف منهن ڏسندا رهندا آهن——

اسان جي نظر هر شيءِ جي ظاهري صورت تي هوندي آهي حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي نظر باطن طرف هوندي هئي[13] سندن غلامن جي نظر پڻ باطن طرف هوندي هئي—— جديد دؤر جي ڪجهہ انسانن ۾ ڪا بہ شيءِ باقي نہ بچي آهي سڀ ڪجهہ ڪپڙن ۾ اچي ويو آهي اڄ صرف ڪپڙن جي ڪري ماڻهو کي عزت ملي ٿي، پهرين ڪپڙن کي ماڻهو سڀبان وقار حاصل هوندو هو—— فاروق اعظم رضي الله عنہ جتيون

- حضور انور صلي الله عليه وسلم باطن جي بنائڻ ۽ سنوارڻ جي صلاح ڏني آهي پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جي بقا زندگي کي بقادار بنايو ، اهڙا مضبوط انسان بنايا جهڙا مضبوط قلعا. اهڙا ڪمزور انسان نه جهڙا واريءَ جا گهرڙا يا مٽي جا ڍير!!

حضور انور صلي الله عليه وسلم جون ڳالهيون تمام مٺيون ۽ پياريون ڳالهيون —— انهن ڳالهين جي مٺاڻ جي خبرعاشقن جي دلن کان پڇو. عقل وارا ان حقيقت کان بيخبر آهن —— اهي ڳالهيون آخرت جو ثمر آهن. اهي ڳالهيون محبت جي موڙي آهن —— اچو ته اهي ٿي ڳالهيون ڪريون ۽ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن جي پياري ادائن جو نظارو ڪريون.

حضور انور صلي الله عليه وسلم پنهنجو قومي لباس پائيندا هئا[16] سندن ارشاد آهي:

من تشبه بقوم فهو منهم [17]

(جنهن هڪ جهڙو ٿيڻ گهريو. ڪنهن قوم سان. پوءِ اهو انهن مان آهي)

هن حديث پاڪ مان قومي لباس ۽ قومي عادتن ۽ طريقن جي اهميت جو اندازو ٿئي ٿو. هيءُ لباس اهڙو هئڻ گهرجي جو امير ۽ غريب سڀ ساڳئي نموني استعمال ڪري سگهن مسلمان قوم ۾ ان اهميت جو احساس نه رهيو آهي. هن قوم مان اجتماعي سڃاڻپ جو احساس ختم ٿيندو پيو وڃي. اسان کي حضور انور صلي الله عليه وسلم جي فرمان تي عمل ڪرڻ گهرجي —— حضور انور صلي الله عليه وسلم ڪجهه روايتن موجب عيدن جي موقعي تي ڪاري رنگ جي پڳ استعمال فرمائي آئي پر

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمت الله عليہ جي تحقيق موجب اڪثر ڪري سفيد پڳ استعمال ڪندا هئا——— سندن هڪ پڳ مبارڪ جو نالو سحاب هو [18] پڳ جي لاءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جو هيءُ ارشاد توجهہ جي لائق آهي:

"پڳ مومن جو شان ۽ اهل عرب جي عزت آهي جڏهن
عرب پڳ لاهي ڇڏيندا تہ سندن عزت بہ لهي ويندي" [19]

عرب ملڪ خصوصاً سعودي عرب ۾ پڳ جو رواج ختم ٿي ويو آهي. پڳ جي جڳهہ تي عقال (رسي ۽ رومال) استعمال ٿي رهيو آهي ۽ انهي رسي ۽ رومال کي "قومي نشان" قرار ڏنو پيو وڃي. ان جي بدعت هئڻ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي پر هن طرف ڪو بہ توجهہ نہ ٿو ڏي حقيقت ۾ بدعت اها آهي جنهن سان سنت ختم ٿئي——— حضور صلي الله عليہ وسلم جيڪا پيشن گوئي ڪئي هئي اهاسچ ثابت ٿي رهي آهي. اسان اڪين سان ڏسي رهيا آهيون ۽ ڪنن سان ٻڌي رهيا آهيون وڃايل وقار تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن اسان حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي سنت تي عمل ڪنداسين——— الحمد لله! برصغير ۾ اڄا بہ پڳ موجود آهي پر هاڻي آهستي آهستي گهٽجي وڃي ٿي. عالمن ۽ بزرگن ۾ رومال ۽ ٽوپي جو رواج وڌي رهيو آهي. ٽوپي تہ سنت آهي پر پڳ جي بجاءِ رومال بدعت معلوم ٿئي ٿو. حضور انور صلي الله عليہ وسلم سفيد ٽوپي، يمني ٽوپي، شامي ٽوپي، مصري ٽوپي، ڪنن واري ٽوپي، مٿي مبارڪ سان چنبڙيل ٽوپي ۽ اوني واري ٽوپي استعمال فرمائي آهي[20]——— لوهہ جو ناهيل ٽوپ (خود) بہ استعمال فرمايو آهي[21] ام المومنين حضرت امہ سلمہ رضي الله عنها فرمائي ٿي: "ڪپڙن ۾ حضور انور صلي الله عليہ وسلم کي قميص پسند هئي." [22]

حضورِ انور صلي الله عليہ وسلم جو گريبان (چاڪ) ڪڏهن ڪلهن (23) تي رکيل هوندو ـــــــ ڪڏهن بند هوندو هو تہ ڪڏهن کليل هوندو هو ـــــ پاڻ صلي الله عليہ وسلم ڪپهہ ۽ "اُن" جو ڪپڙو ۽ سخت ڪپڙو پڻ استعمال فرمايو آهي.

حضرت اسامہ بن زيد رضي الله عنہ جي روايت آهي تہ بيماري دؤران پاڻ يمني چادر ۾ نماز پڙهيائون، جمعي ۽ عيدن جي نمازن ۾ يمني چادر* استعمال فرمائيندا هئا ۽ پوءِ ويڙهي رکي ڇڏيندا هئا. (24)

*(جديد تحقيق موجب اها يمني چادر سنڌي اجرڪ آهي، جيڪا سنڌ کان يمن بحري رستي ذريعي پهچندي هئي ۽ حجاز ۾ ان نسبت ڪري يمني چادر جي نالي سان مشهور هئي)

پاڻ تيز ڳاڙهي رنگ جي پٽي واري چادر ۽ جوڙو بہ استعمال ڪيو آهي، جنهن کي "حلہ حمرا" چوندا هئا يا جبرا (بہ گلن واريون يمني چادرون) چوندا هئا. (25) اهي حضور صلي الله عليہ وسلم کي وڌيڪ پسند هيون. (26) ـــــــ قديم زماني کان سنڌ جي اجرڪ يمن جي بازار ۾ وڪرو ڪئي ويندي هئي ۽ يمن سنڌ سان بحري رستي ذريعي مليل هئڻ سبب واپار آساني سان ٿيندو هو. ڪجهہ محققن جو خيال آهي تہ اها سنڌ جي اجرڪ هئي جنهن کي حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي پسند جو شرف حاصل آهي ۽ ڪيس برد يماني سڏيو ويو آهي ـــــ حضور انور صلي الله عليہ وسلم بہ سائي رنگ جون چادرون بہ استعمال ڪيون آهن. ٻاهريان وفد اچڻ جي موقعي تي اهي سايون چادرون استعمال فرمائيندا هئا. جيڪي ڪيترو عرصو خليفن وٽ محفوظ هيون. جڏهن پراڻيون ٿي ويون تہ چئوطرف ڪين ڪپڙو لڳائي محفوظ ڪيو ويو. (27)

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم هلڪي رنگ جون بہ گيڙو چادرون بہ استعمال فرمايون آهن. (28)

حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنہ جي روايت آهي تہ حضور انور صلي الله عليہ وسلم ﭬ ڪاريون چادرون بہ استعمال فرمايون آهن. [29]

پاڻ طيلسان (سائي، اڇي ۽ ڪاري رنگ) جون چادرون، ڏگهيون ۽ ويڪريون چادرون، تہ ڪنڊا ۽ چوڪنڊا رومال بہ استعمال فرمايا آهن—— نجراني ٿلهي ڪور واري ڪاري رنگ جي اوني چادر بہ استعمال فرمائي آهي—— هڪ دفعي گل ٻوٽي واري چادر بہ استعمال فرمائي آهي. پر ناپسند فرمائيندي جلدي لاهي ڇڏيائون. [30]

برد صحاري بہ استعمال فرمائي خميصہ (چوڪنڊو ڪارو ڪمبل) قطيفہ (اڇي رنگ جي چادر) سحولي (سفيد ڪپڙا) بہ استعمال فرمايا آهن—— قطيفہ ۾ متي مبارڪ جي جاءِ تي طراوت جو نشان پيل هو حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنہ ان کي ڌوئي هڪ لاعلاج مريض جي نڪ ۾ سنگهايو تہ اهو تندرست ٿي ويو. [31] هن تاريخي واقعي ۾ انهن ماڻهن لاءِ عبرت ۽ نصيحت آهي جيڪي تبرڪات تي يقين نٿا رکن تبرڪات جو ذڪر تہ قرآن پاڪ ۾ بہ موجود آهي. [32]

حضور انور صلي الله عليہ وسلم کي سائي رنگ جو وڳو پسند هو پر سفيد وڳو سڀ کان وڌيڪ پسند هو ان ڪري سندن ارشاد آهي تہ:

"اوهان کي گهرجي تہ سفيد وڳو پايو، اوهان مان زنده ماڻهو سفيد وڳو ڍڪين ۽ اوهانجي ميتن کي بہ سفيد ڪپڙي جو ڪفن ڏيو ڇو تہ اهو اوهانجي ڪپڙن ۾ سڀ کان افضل آهي". [33]

پاڻ سڳورن پاجامو ۽ شلوار جيتوڻيڪ استعمال ڪونہ فرمايو آهي پر انهن کي پسند فرمايو ۽ خريد بہ ڪيو آهي [34] ——————

قميص ۽ شلوار اسان جو قومي لباس هئڻ گهرجي ۽ الحمد الله آهي به، پر ڪن خاص درجي جي ماڻهن کي خاص دعوتن ۽ تقريبن ۾ اهو لباس پائڻ پسند نه آهي ۽ اهي ڏارين جي اثر هيٺ سوٽ بوٽ ۾ نظر ايندا آهن————

پنهنجي ويس ۽ پنهنجي ديس جي شين کي گهٽ سمجهڻ ۽ ڌارين جي هر شيءِ کي چمي اکين تي رکڻ ڪتن جي عقلمندي آهي. زنده قومون ته ائين نه ڪنديون آهن. اها بيمار قومن جي نشاني آهي. اسان پنهنجو رسم رواج ڇڏي ڌارين جي ثقافت کي اپنايو آهي ان جي باوجود ڪنهن جي دل ۾ اسان لاءِ عزت ناهي.

هڪ اردو شاعر ڪيڏي نه ڀلي ڳالهه چئي آهي:

لو وه بهي کهتي هين يه بي ننگ و نام هي
يه جانتا اگر تو لٹاتا نه گهر کو مين

حضور انور صلي الله عليه وسلم سادي ۽ صاف لباس کي پسند فرمايو. انتهائي نفيس لباس به پاتو(35)———— چتيون لڳل ڪپڙا به استعمال فرمايا(36) پر مشهوري واري لباس کي ناپسند فرمايو آهي (37) (مطلب ته اهڙو غير مسنون لباس جنهن جي ڪري ڪو ماڻهو يا ڪو گروهه ٻين کان الڳ حيثيت ۾ سڃاتو وڃي)———— حضور انور صلي الله عليه وسلم مختلف قسم جا ڀهراڻ به استعمال فرمايا. حضرت مغيره بن شعبه رضي الله عنه جي روايت مطابق پاڻ رومي ڀهراڻ به استعمال فرمايو جنهن جي ٻانهن سوڙهي هئي.(38) سندن هڪ ڀهراڻ سبز "سندس" جو هو ٻيو ڀهراڻ اطلس جو هو اهي ٻئي ڀهراڻ جنگين دوران استعمال فرمائيندا هئا(39)———— حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جو هڪ ڀهراڻ، حضرت بي بي عائشه رضي الله تعاليٰ عنه وٽ هو، جنهن کان سندن ڀيڻ بيبي اسماءَ رضي الله تعاليٰ عنه کي مليو. پاڻ فرمائين ٿيون "مان اهو

ڦهراڻ ڏوئي بيمارن کي پياريندي هيس ۽ اهي تندرست ٿي ويندا هئا"[40]

حضور انور صلي الله عليه وسلم جا ڪي تبرڪات حضرت عمر بن عبدالعزيز وٽ به محفوظ ٿيل هئا جن کي پاڻ هڪ علحده جڳهه ۾ وڏي اهتمام سان مسلمانن جي زيارت لاءِ رکيا هئائون[41] ـــــــ اسلام دشمن لابي جي اها سازش آهي ته اسان کي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم سان تعلق ۽ نسبت واري هر شيءِ کان الڳ ڪيو وڃي، جيئن پڳهه ٽٽي پوي ۽ بيڙو ٻڏي وڃي. (معاذ الله) ـــــــ الله تعاليٰ اسان کي اسلام دشمن لابي جي سازشن کان محفوظ رکي. (آمين) جيئن اسين اصحاب سڳورن جي پيروي ڪندي تبرڪات جي شان ۽ عزت کي سڃاڻي سگهون.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو مزاج مبارڪ سادگي پسند هو ۽ گهڻو ڪري سادو لباس پائيندا هئا. جيتوڻيڪ پاڻ شهر ۾ رهندا هئا پر پاڻ هميشه ڳوٺاڻي زندگي ۽ رهڻي ڪهڻي کي پسند فرمائيندا هئا جيئن ٻهراڙي کان اچڻ وارا غريب ۽ مسڪين ماڻهو ملڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ ڪو به حجاب محسوس نه ڪن ۽ معاشي طور تي به ماڻهو مضبوط رهي سگهي، ڇو ته ڳاٽي ٻڌا خرچ معاشي طور تي انسان کي ڪنگال بنائي ڇڏيندا آهن ـــــــ اسان پروٽوڪول جون اهڙيون عجيب رسمون ايجاد ڪري ورتيون آهن، جيڪي غريب ۽ امير آفيسر ۽ ماتحت جي وچ ۾ ديوار بنجي رهيون آهن ـــــــ جيڪڏهن پروٽوڪول نه هجي ته وڏي کان وڏي شخصيت جو هڪ منٽ ۾ ڀرم کلي پوي سڄي راند "جيءَ حضور" جي آهي ـــــــ الله تعاليٰ اسان کي سادگي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين! ـــــــ حضور انور صلي الله عليه وسلم فقيرن واري زندگي گذاري ڪنهن به شيءَ جا ٻه جوڙا نه هوندا هئا ـــــــ نه ٻه

قميضون، نہ ڪو گوڏ جون چادرون. نہ ڪي جتي مبارڪ جا جوڙا[42]——
وصال جي وقت جسم مبارڪ تي هڪ چتيون لڳل چادر ۽ گوڏ پاتل
هئي[43]—— حضرت بي بي عائشہ رضي الله عنها قسم کائي فرمائي
ٿي تہ ان ڪانسواءِ سندن جسم مبارڪ تي ڪو بہ ڪپڙو نہ هو[44]——

ظاهر ۾ غريب الغرباءَ پهر بهي يہ عالم
شاهون سي سوا سطوت سلطان مدينہ

جيڪڏهن اسان پنهنجي حالت ڏي ڏسون تہ ڪن ماڻهن جا تہ ايترا
وڳا هوندا جو اوهين ڳڻي ويهو تہ ٿڪجي پوندؤ!—— ٿورو سوچيو تہ
حضور جن جو هڪ جوڙو سو بہ ايتري قدر سادو!!—— ساڳيو حال
بيبين سڳورين جو هو—— هن فقير جي خيال ۾ سندن ۽ گهر وارن جي
اختيار ڪيل هي مسڪيني سندن معجزن مان هڪ عظيم معجزو هئي جن
جي طرف ڪو بہ توجهہ نہ ڏنو ويو آهي—— دنيا ۾ رهندي دنيا کان
ايترو لاتعلق ٿي وڃڻ انتهائي حيرت جي ڳالهہ آهي—— دنيا جي
تاريخ ۾ ڪو بہ اهڙو مثال نظر نٿو اچي—— اسين تہ اڪثر ڪري خلاف
توقع (اڻ ٿيڻي) ڳالهين ۽ معجزن جي تلاش ۾ هوندا آهيون. ڇاحضور
اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي ايڏي سادگي هڪ معجزو نہ آهي؟——
اسان جي شاهہ خرچي جو هيءُ حال آهي جو هڪ صحافي (ايڊيٽر "ساحل"
مئي 1998ع) جي چوڻ موجب صرف صدارتي محل ۽ وزير اعظم هائوس
جو روزاني جو خرچ هڪ ڪروڙ روپيا آهي—— هيٺين آفيسرن جي
شاهہ خرچي جو اندازو انهي مان بهتر لڳائي سگهجي ٿو تہ ڇا هوندو——
—— جيستائين اها بيماري ختم نہ ٿي ٿئي. مريض تندرست نہ ٿو ٿي
سگهي(45)—— جيستائين مٿئين سطح تي حالات تبديل نہ ٿا ڪيا
وڃن—— هيٺئين سطح تي حالات تبديل نہ ٿا ٿي سگهن. فقط زباني

ڪلامي ڳالهين سان ڪجهہ بہ نہ ٿوٿئي انقلاب هميشہ عمل سان ايندو آهي.

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جڏهن نئون پهران، پڳ يا چادر استعمال فرمائيندا هئا تہ ان جو مخصوص نالو رکي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ انهي نالي سان ئي ان ڪپڙي کي سڏيندا هئا. پاڻ گهر جي هر شيءِ تي ڪو مخصوص نالو رکي ڇڏيندا هئا. پاڻ هر شيءِ جو ادب سيکاريائون—— پاڻ سڳورن پنهنجي غلامن کي اهڙو ادب سيکاريو جنهن جو نظير هاڻوڪي دور ۾ بہ نہ ٿو ملي. جنهن دور کي ترقي ۽ تهذيب جو دور چيو وڃي ٿو—— حضور انور صلي الله عليہ وسلم جڏهن نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ دعا پڙهندا هئا. اهي دعائون حديث جي ڪتابن ۾ ملن ٿيون مثال طور:

الحمد الله الذي کساني هذا او رزقنيہ من غيرحول مني وقوه.

(شڪر آهي الله تبارڪ و تعاليٰ جو جنهن مون کي ڍڪايو ۽ بغير منهنجي طاقت ۽ قوت جي مون کي عطا فرمايو.)

اللهم لک الحمد انت کسوتنيہ اسئلک خيره و خير ماصنع لہ واعوذبک من شره وشر ماصنع لہ

(اي الله شڪر آهي تو ئي مون کي ڍڪايو آئون توکان ئي خير گهران ٿو ان لباس جو ۽ خير، ان مقصد جو جنهن لاءِ اهو بنايو ويو آهي ۽ پناهہ گهران ٿو ۽ ان جي شر کان ۽ ان مقصد کان جنهن لاءِ بنايو ويو آهي)

الحمد الله الذي کساني ما اواري بہ عورتي واتجمل بو في حياتي (46)

(سڀ تعريفون الله تبارڪ و تعاليٰ جي لاءِ آهن جنهن مونکي ڪپڙا پارايا جيڪي منهنجي اوگهڙ ڍڪين ٿا ۽ آئون

پنهنجي زندگي ۾ انهن کان سونهن حاصل ڪريان ٿو)

لباس جيئن ته جسم ۽ روح ٻنهي تي اثر انداز ٿئي ٿو ان ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم ان جي شر کان پناهه گهري هڪ وڏي نفسياتي ۽ اخلاقي راز طرف اشارو فرمايو آهي——— پاڻ صلي الله عليه وسلم الله تعاليٰ جا محرم راز هئا——— اسان گنهگارن تي ڪيڏو نه احسان فرمايائون.

حضور انور صلي الله عليه وسلم نعلين شريف استعمال فرمائي آهي[47] پاڻ جُتي پائڻ واري کي سوار ۽ جتي کي سواري قرار ڏنو آهي.

پاڻ زرد رنگ جي نعلين مبارڪ استعمال فرمائي ۽ ڪاري رنگ کان منع فرمائي آهي[48] البت ڪاري رنگ جا جوراب (موزا) استعمال فرمايا اهي سنت آهن——— ڪڏهن ڪڏهن عاجزي انڪساري سبب پيرين اگهاڙا ٿي به هليا آهن[49]——— اها پڻ سنت آهي.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم گوڏ پائڻ ۽ شلوار پائڻ جو اهو طريقو سيکاريو ته گوڏ ۽ شلوار پائڻ وقت مرئي کان مٿي رهن. حذيفه بن اليمان رضي الله عنه کان روايت آهي ته:

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم منهنجي يا پنهنجي نري پڪڙي فرمايائون گوڏ جي حد هيءَ آهي. جيڪڏهن اجا به توکي صبر کونهي ته ان کان (ڪجهه) هيٺ ڪري وٺ جيڪڏهن اجا به تو کي صبر نه ٿو اچي ته ڳرين تي گوڏ جو ڪو به حق ناهي.[50]

حديث پاڪ جو آخري جملو وڏو معنيٰ خيز جملو آهي.

"گوڏ جو ڳرين تي ڪو به حق ناهي".

حضور صلي الله عليه وسلم نه صرف انسانن بلڪ انساني عضون جي حقن جي به نشاندهي فرمائي ۽ ٻئي طرف مسلم قوم کي فضول

خرچي کان بچايو جنهن جي لاءِ قرآن ۾ وعيد آئي آهي ته فضول خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن.

ان المبذرين ڪانوا اخوانا الشياطين [51]

بيشڪ اڏائڻ وارا شيطان جا ڀائر آهن.

اڏائڻ (مطلب ته فضول خرچي ڪرڻ)مطابق فقيهن وٽ شلوار جو مرين تائين هجڻ حرام ۽ خالص بدعت آهي. اسان جي شهري ماحول ۾ اهڙي ماڻهن جي گهڻائي آهي—— ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته مضبوط روزگار جو دارومدار ڪفايت تي آهي——— حضور انور صلي الله عليہ وسلم هڪ ته فضول خرچي کان بچايو ۽ ٻئي طرف هڪ نفسياتي بيماري جو علاج فرمايو آهي جو ته اڪثر ڪري اهي ماڻهو گوڏ ۽ شلوار ڳرين کان هيٺ ڇڏيندا آهن جن کي فخر ڪرڻو هوندو آهي يا خلاف شرع عادت کي سڌارڻ نه ٿا چاهين نه ته شلوار مٿي ڪرڻ ۾ ڪهڙي بي عزتي آهي؟ ۽ هيٺ ڪري هلڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟———

عربن ۾ هيءَ رواج هو ته لباس تمام ڪشادو ۽ ڊگهو پائيندا هئا گوڏ ايتري ته ڊگهي پائيندا هئا جو زمين تي گهلبي ايندي هئي. اها وڏي عزت ۽ مرتبي جي نشاني سمجهي ويندي هئي. عربن جا رئيس ۽ امير ائين ئي ڪندا هئا. اسان وٽ به ائين ئي ٿئي ٿو. اهڙي ماڻهن لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو ارشاد آهي:

جيڪو ماڻهو پنهنجي آزار (گوڏ يا شلوار وغيره) فخر ۽ غرور جي خاطر گهلي هلندو الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان ڏانهن نظر نه فرمائيندو [52]

(مطلب ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو بغير عذر جي ائين ڪندو ته الله تعاليٰ جي رحمت کان محروم ٿيندو) حضرت سلمہ رضي الله عنها جي

روايت آهي تہ حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنہ گوڏ هوندي هئي ۽ پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجي آقا ۽ مولا صلي الله عليہ وسلم جي گوڏ مبارڪ پڻ ائين هوندي هئي—— جڏهن خبر پئجي وئي تہ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جي عادت مبارڪ ائين هوندي هئي تہ پوءِ سندن غلامن کي ان تي بحث ڪرڻ جي ڪا بہ گنجائش باقي نٿي رهي. گوڏ، شلوار يا ڪو بيو هيٺ پائڻ جو ڪپڙو ايترو هيٺ هئڻ گهرجي جيترو حضور جن ان جي اجازت ڏني آهي ۽ ان جي آخري حد ڳڙيو مقرر فرمائي آهي—— جيستائين ڳڙين کان مٿي ڪرڻ جو تعلق آهي اتي ڪراهت صرف ان وقت آهي جڏهن ڪپڙو بدصورت ۽ بري حالت ۾ ٿي پوي ۽ انسان ڏسڻ ۾ غير مهذب نظر اچي، ڪراهت جو اصل سبب لباس جو حسن ۽ زينت کان خالي هجڻ آهي—— حضور انور صلي الله عليہ وسلم اهڙو لباس ناپسند فرمايو آهي جنهن لباس جي طرف نگاهون کڄي وڃن ۽ عورتن جي لاءِ اهڙو ڪپڙو منع فرمايو جنهن مان اندريون جسم ظاهر ٿي پوي[53]—— پاڻ تيز رنگ کي بہ ناپسند فرمايو آهي—— ۽ کين اهو بہ پسند نہ هو تہ مرد عورتن جو لباس پائين ۽ عورتون مردن جو ويس ڪين—— اهڙن مردن ۽ عورتن تي حضور انور صلي الله عليہ وسلم لعنت فرمائي آهي[54] اڄڪلهہ مسلمان مرد توڙي عورتون لباس جي معاملي ۾ باغي ٿي بيٺا آهن مرد گوڏن کان مٿي چڏي پائين ٿا. سوٽ تہ عام ٿي ويا آهن هيءُ بہ بيحيائي وارو هڪ انداز آهي ڪپڙو پائڻ جو مطلب صرف ڪل ڍڪڻ ناهي بلڪہ ان جو اصل مقصد جسم کي لڪائڻ آهي. سڀ کان بري ڳالهہ اها آهي تہ سوٽ پائڻ واري کي جيڪڏهن مٿي تي ٽوپي نہ آهي ۽ نہ ئي ڏاڙهي اٿس تہ خبر ئي نہ ٿي پوي تہ مسلمان آهي يا نہ؟

اها مسلماني ٿي ڪهڙي جيڪا تعارف جي محتاج هجي ـــــــ عورتون بہ باغي ٿي پيون آهن. ڪاش! انهن پيئرن تائين ڪو پيار ۽ محبت سان قرآن ۽ اسلام جون ڳالهيون پهچائي. هنن کي اسلام ۽ قرآن سان بي شڪ محبت آهي پر ڪو ٻڌائڻ وارو بہ هجي ـــــــ اسان کي سنت واري لباس ۽ طريقي کي پنهنجي گهرن، سرڪاري ۽ غير سرڪاري سطح تي رائج ڪرڻ گهرجي ـــــــ اسان جي غريب معيشيت لاءِ سادگي انتهائي ضروري آهي ۽ اها تڏهن ٿي ٿي سگهندي جڏهن اسين نفس جي پوڄا ڇڏي الله جي عبادت ڪنداسين ـــــــ ڪاش! اسان جي دل ۾ حقيقت ۽ سچائي جي ڳالهہ ويهي سگهي ۽ رياڪاري ختم ٿي وڃي. اسين جسم سان گڏ روح ۽ قلب کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪريون جيئن حقيقي زندگي جو لطف حاصل ڪري سگهجي ـــــــ (آمين)

وحده لاشريڪ لہ، ايءُ هيڪڙائي حق، ٻيائي کي ٻڪ، جن وڏو سي ورسيا.

1419ھ / 1998ع

احقر محمد مسعود احمد عفي عنہ

# حاشيا ۽ حوالا


1. قرآن شريف. سورت اعراف. آيت 20
2. قرآن شريف. سورت اعراف. آيت 20، 21
3. قرآن شريف. سورت طٰه. آيت 121. سورت دخان. آيت 53.
4. قرآن شريف. سورت حج. آيت 23. سورت فاطر. آيت 33.
5. قرآن شريف. سورت اعراف. آيت 26
6. قرآن شريف. سورت انبياء. آيت 80
7. قرآن شريف. سورت فرقان. آيت 47
8. قرآن شريف. سورت نباء. آيت 10
9. سليمان ندوي، سيرت النبي، ج 6، اعظم ڳڙهه 1953ع. ص 844
10. (الف) محسن فاني. دبستان مذاهب. بمبئي 1826ع

(ب) ڊاڪٽر تاراچند. تمدن هند پراسلامي اثرات (اردو ترجمو) لاهور 1964ع ص 151.

11. سنن ترمذي. ابواب الاستيذان وباب ما جاء في حفظ العورت.
12. سنن ترمذي. باب ما جاء في الاستيذان.
13. غلام رسول سعيدي ۾ شرح مسلم شريف. جلد 3 صفحو 98 .
14. بزرگ بن شهر يار. عجائب الهند (بحوالہ هندوستان عربون کي نظر ۾. تاليف مسعود عالم ندوي. مطبوعہ اعظم ڳڙهہ 1920ع ص 205)


نوٽ: هي حديث پاڪ حضرت بيبي عائشہ رضي الله عنہ کان روايت ڪئي ويئي آهي هن ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون توجهہ جي لائق آهن.

نٿو جڳائي تہ "ذنب" (گناهہ) جي نسبت ان سان ڪري، ها مولا پاڪ مختيار آهي هو سندن محبوب آهي، جهڙي طرح چاهي فرمائي حريم ناز جون ڳالهيون ڪنهن سان بہ ڪيون نہ ويندون آهن ۽ ڪو سمجهي تہ ڇا سمجهي هتي جو عالم عقل ۽ دانش ڪان تمام مٿانهون آهي.. مسعود


15. قرآن شريف، سورت تڪاثر، آيت نمبر 2

16. ابي عيسيٰ بن سورت الترمذي. شماعل ترمذي (ترجمو: محمد امير شاهہ گيلاني مطبوعہ، لاهور 1976ع ص 87 اتحاف الربانيہ شرح شمائل المحمديہ ص 93.

17. ابو دائود شريف جلد 2، ص 203، مرقات، ج 18 ص 255.

18. عبدالحق محدث دهلوي، مدارج النبوت، جلد 2، ص 1048 (ترجمہ اردو) ڪراچي.

19. ڪنز العمال، جلد 15، ص 305.

20. شعب الايمان جلد 50، ص 175، فيض القدير شرح جامع الصغير، جلد 5 ص 246.

21. قاضي عبدالسلام، لباس رسول صلي الله عليہ وسلم (غير مطبوعہ) ص 48

22. شمائل ترمذي، شريف ص 83.

23. شمائل ترمذي شريف، ص 90.

24. المسند جلد 6، ص 796 بخاري شريف، جلد 2 ص 87

25. سيرت الحلبيہ، جلد 3، ص 451.

26.. شمائل ترمذي شريف، ص 97-98- ملا علي قاري، جمع الوسائل، جلد 1، ص115.

27. الوفاء ص 27 سبل الهدي والرشاد، جلد 7، ص 312.

نوٽ: (1994ع ۾ حجاز جي مشهور عالم ۽ شيخ وقت شيخ محمد علوي مالڪي دامت برڪا تهم العاليہ مديني منوره ۾ هن فقير کي نهايت شفقت ۽ ڪرم سان سبز چادر عطا فرمايائون ۽ پنهنجي هٿ مبارڪ سان پارائي جنهن کي خرقہ لباس چيو وڃي ٿو جيڪا موصوف جي خاندان ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ ڏانهن منسوب آهي)


28. شمائل ترمذي شريف، ص 99-100 .

29. شمائل ترمذي شريف، ص 103.

30. ابن ماجہ، ص 262

31. شيخ عبدالحق محدث دهلوي، مدارج النبوت، ج 2، ص 1049 ڪراچي

32. قرآن شريف، سورت بقره، آيت نمبر 248.

33. شمائل ترمذي شريف، ص 101.

34. ابن ماجہ، ص 264

35. طبقات ابن سعد، جلد 1، ص 461

36. مشڪوات شريف، ص 373 - شرح مسلم، جلد 6، ص 384 -ابو دائود شريف، جلد 2، ص 203.

37. مجمع الزوائد، جلد 5، ص 8228، ابن قيم، زاد المعاد (خلاصہ اردو) 1924ع

38. شمائل ترمذي شريف، ص 104

39. مدارج النبوت ، جلد 2، ص 1047

40. مدارج النبوت ، جلد 2، ص 1048.

41. مدارج النبوت ، جلد 2، ص 149

42. شمائل ترمذي شريف، ص 88-89 - مواهب لدنيہ، ص 5

43. مشڪوات شريف، ص 373 -شرح مسلم شريف، جلد 6، ص 384

44. شرح مسلم شريف، جلد 6، ص 384-ابو دائود شريف، جلد 2، ص

45. نوٽ: شڪر آهي پهرئين صفر المظفر 1419 هـ / 28 مئي 1998ع جو ايٽمي ڌماڪ ڪان پوءِ وزير اعظم پاڪستان پنهنجي نشري تقرير ۾ هي اعلان فرمايو ته هو سادگي اختيار ڪندو ۽ ايوان وزير اعظم کي عوام جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيندو ۽ صدر پاڪستان به ائين ئي ڪندو- ــــــ خدا ڪري ائين ئي ڪن . مسعود .

46. سليمان ندوي، سيرت النبي جلد 6 ص 849، حصن حصين، ڪراچي ص 157.

47. مسلم شريف، جلد 2 صفحو 198.

48. قاضي محمد عبدالسلام، لباس حضور صلي الله عليه وسلم صفحو 10.

49. مناوي شرح شمائل ترمذي ، صفحو 158.

50. ابن ماجه، صفحو 264.

51. قرآن شريف، سورت اسراء، آيت نمبر 27.

52. سليمان ندوي، سيرت النبي ، جلد 6 صفحو 874.

53 طبقات ابن سعد، جلد 8، صفحو 50 ___ احمد بن حمبل شيباني،المسند، جلد 6، صفحو 796.

54. بخاري شريف، جلد 2، صفحو 874 - ترمذي شريف، ص 396 - ابو دائود شريف، صفحو 114.

* * *

SHIRKAT-I-ISLAMIA MIRPURKHAS (SINDH) PAKISTAN

شرکت اسلامیہ

میرپورخاص (سندھ) پاکستان

شرکت اسلامیہ میرپورخاص
Shirkat-i-Islamia, Mirpurkhas